AGRICULTURE, TRADE & INDUSTRY

سرسبز

ماهوار

نومبر 2020ع

ڪڻڪ

جي جديد پيداواري ٽيڪنالاجي

SINCE 1975
BESPOKE TAILORING

CENTRE
Elegant
GENTS TAILORS

SEROGHAT ROAD,
TILAK INCLINE
022 2615136

BOULEVARD ENCLAVE
AUTOBHAN ROAD
0223411185

HYDERABAD, SINDH - PAKISTAN ELEGANT TAILORS

BOULEVARD ENCLAVE, BESIDE MEEZANBANK
MAIN AUTOBHAN ROAD, HYDERABAD
Binmoosafabrics (022)-3411184

AGRICULTURE, TRADE & INDUSTRY

سرسبز

ماهوار

نومبر 2020ع

سال پهريون، شمارو پهريون

قيمت 200 روپيا

اندر پڙهندا

مضمون	ليکڪ	صفحو
حڪومت شگر ملون وقت سر چالو ڪرائڻ جي ذميواري پوري ڪري	ادارو	02
ڪڻڪ جي جديد پيداواري ٽيڪنالاجي	محمد طارق	04
ڪڻڪ جو ٻج ڪيئن حاصل ڪجي؟	ظفر علي کوکر	06
سنڌ ۾ پوک لاءِ ڪڻڪ جون سفارش ڪيل جنسون	بدرالدين کوکر	07
سرنهن جي پوک جي جديد ٽيڪنالاجي	محمد طارق	08
فصلن ۾ بيماريون لڳڻ، پکڙجڻ ۽ انهن کان بچاءُ	ابصار منل جسڪاڻي	10
ميون جي اهميت ۽ ميوي جي مک جا مسئلا	پروفيسر پائي خان سولنگي	12
سورج مکي هڪ بهتر تيلي فصل	شبير پانيڙ	14
نامياتي پوک ڇو ضروري آهي	ڊاڪٽر اسلام الدين مجيداڻو	16
تيزپات کے طبی فوائد	حکیم نذیر احمد شیخ	21
پان کے باغ میں	پی سائیناتھ	22
فالسہ کی کاشت کب اور کیسے کی جائے	ڈاکٹر شوکت علی	26
باسمتی چاول پر پاکستان اور بھارت کی قانونی جنگ	تنویر ملک	28
اکاس بیل ایک کرشمہ ساز بوٹی	محمد رضا حسین آبادی	30

MONTHLY SARSABZ

نگران اعليٰ
محمد طارق

ايڊيٽر
مراد علي شاهه بکيرائي

ايڊيٽوريل بورڊ
پير دانش رسول شاهه
حميد ابڙو
مهتاب هنجهڙو

مئنيجر مارڪيٽنگ
مقبول حسين شاهه

ڪمپوزرس
اذان حسين شاهه

فوٽو گرافي
زمان شاهه

موبائيل
0345-3647842

اشتهارات شعبو
0300-8379698

آفيس ائڊريس
بنگلو نمبر 6، بلاڪ E،
لطيف آباد نمبر 6، حيدرآباد،
سنڌ پاڪستان

sarsabz.mag@gmail.com

ماهوار سرسبز پبلشر محمد طارق، بتول پرنٽنگ پريس کوکر محلي حيدر آباد مان ڇپائي بنگلو نمبر 6، بلاڪ E، لطيف آباد نمبر 6 مان پڌرو ڪيو.

ايڊيٽوريل

حڪومت شگر ملون وقت سر چالو ڪرائڻ جي ذميواري پوري ڪري

سنڌ ۾ شگر ملن جو وقت سر نہ هلڻ ۽ آبادگارن کي ڪمند جو مناسب اگھہ نہ ملڻ ڏگهي وقت کان هڪ اهم ۽ حل گهرندڙ مسئلو رهيو آهي، پر ان معاملي کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اڃان تائين ڪي سنجيده ڪوششون نہ ٿيون آهن جنهن ڪري هر سال اهو معاملو پيدا ٿيندو رهي ٿو. جنهن سان سدائين آبادگار تڪليفن کي منهن ڏيندا رهن ٿا.

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ هر سال شگر ملون دير سان هلڻ سبب ڪمند جي واڍي ۾ دير ٿئي ٿي جنهن سان ڪڻڪ جي پوک لاءِ گهربل زمين وقت سر واندي نہ ٿي ٿئي ۽ ڪڻڪ جي پوک سخت متاثر ٿيندي رهي ٿي، ان جي نتيجي ۾ نہ رڳو آبادگارن کي پر پوري صوبي جي زرعي معيشت کي پڻ سخت نقصان پهچي ٿو. آبادگار ان معاملي تي هر سال دانهون ڪندا رهن ٿا پر شگر ملن وارا پنهنجي ڏاڍ مڙسي جو مظاهرو ڪندي هميشہ شگر ملون پنهنجي مرضي موجب ۽ دير سان چالو ڪن ٿا، جڏهن تہ شگر فئڪٽريز ائڪٽ موجب اهي شگر ملون پهرين نومبر کان ضرور هلائڻيون آهن پر شگر ملن جا مالڪ ان قانون جي ڪليل نموني سان ڀڃڪڙي ڪندا رهن ٿا ۽ انهن کان پڇڻ وارو ڪير بہ نہ آهي.

نہ رڳو شگر ملن جا مالڪ پر ان معاملي ۾ سنڌ حڪومت پڻ غير سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪندي شگر ڪين بورڊ جي گڏجاڻي پڻ وقت سر نہ ڪندي آهي جو شگر ملون چالو ڪرائڻ ۽ ڪمند جون نئون اگھہ مقرر ڪرڻ بابت ڪو ترت فيصلو ٿي سگهي.

پنجاب ۾ اتان جي حڪومت شگر ملن جي اهڙي معاملي کي منهن ڏيڻ لاءِ هن سال ڪنهن قدر سنجيدگي ڏيکاري آهي ۽ ان قانون ۾ تبديلي پڻ ڪري ورتي آهي جنهن هيٺ شگر ملون وقت سر چالو نہ ڪرڻ جي صورت ۾ انهن تي هر هڪ ڏينهن جي دير تي 50 هزار روپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو آهي ۽ جيستائين شگر مل چالو نہ ٿيندي تيستائين ان ڏنڊ ۾ پڻ روزانو جي حساب سان ڏنڊ وڌندو ئي ويندو. پنجاب حڪومت جو اهو فيصلو ضرور واکاڻ جوڳو آهي ۽ اميد آهي تہ ان جا ڪي چڱا نتيجا پڻ نڪرندا ۽ اسان سمجهون ٿا تہ سنڌ حڪومت کي پڻ گهٽ ۾ گهٽ اهڙو ڪو عمل ضرور ورڪرڻ گهرجي.

سنڌ جي ڪمند جي آبادگارن جو اهو هڪ سنجيده ۽ جائز مسئلو آهي جنهن کي حل ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ ان سان رڳو آبادگار ئي نہ پر صوبي جي زرعي معيشت پڻ متاثر ٿي رهي آهي. شگر ملون دير سان هلائڻ جا اثر پوري معيشت تي پون ٿا. جنهن ڪري اها رڳو آبادگار دشمني نہ پر ڇڻ تہ ملڪ جي معيشت سان دشمني آهي. ان ڪري اهو ضروري آهي تہ شگر ڪين بورڊ جي گڏجاڻي جلد گهرائي شگر ملون شگر فئڪٽريز ايڪٽ موجب هلايون وڃن ۽ ڪمند جو مناسب اگھہ پڻ مقرر ڪيو وڃي.

ايڊيٽر

TASSCO
WHEAT SEED
Certified by F.S.C & R.D
ٽاسڪو
ڪڻڪ جو ٻج
NETT: 50 KG
TASSCO
WHEAT SEED
TASSCO SEED CORPORATION
پيداواري صلاحيت
85 مڻ ڪان بہ وڌيڪ
TASSCO SEEDS
TASSCO SEED CORPORATION®
(022) 3890422
(022) 3891034
www.tasscoseed.com
tasscoseed@gmail.com

ڪڻڪ جي جديد پيداواري ٽيڪنالاجي

70 مڻ في ايڪڙ کان به وڌيڪ پيداوار لهي سگهي ٿي

محمد طارق

ٻج جي پيداواري صلاحيت هر سال گهٽجندي رهي ٿي، جنهن ڪري زرعي سائنسدان هر سال پنهنجي اڻ ٿڪ محنت، تجربي ۽ Selection Pressures جي ذريعي ان ٻج ۾ بهتري آڻيندا رهن ٿا. ان سان گڏوگڏ پوک جي جديد پيداواري ٽيڪنالاجي تي عمل سان آبادگارن کي 10 کان 15 مڻ وڌيڪ پيداوار ملي سگهي ٿي.

ڪڻڪ جي پوک جو وقت، ٻج جو مقدار ۽ جنسون

	جنسون	پوک جو وقت	ٻج جو مقدار (ڪلو في ايڪڙ)	
اڳاٽي پوک	ٽي ڊي-1 ڪِرن 95 بينظير سرسبز	ڏکڻ سنڌ پهرين نومبر کان 20 نومبر اتر سنڌ پهرين نومبر کان 30 نومبر	ناڙي	50 کان 55
			چٽ ڪيڙ	55 کان 60
			ڪرڙ يا گهڙٻي	55 کان 65
پڇاٽي پوک	ٽي ڊي-1 ٽنڊو جام TJ-83	ڏکڻ سنڌ پهرين ڊسمبر کان 10 ڊسمبر اتر سنڌ پهرين ڊسمبر کان 20 ڊسمبر	ناڙي	55 کان 60
			چٽ ڪيڙ	60 کان 65
			ڪرڙ يا گهڙٻي	60 کان 75

نوٽ: ڪڻڪ 20 نومبر تائين پوکي ڇڏڻ گهرجي نه ته پيداوار ۾ گهٽتائي ٿيندي

پوک جو طريقو

ناڙي يا ڊرل پوک: جيڪڏهن ناڙي ڪرڻي هجي ته هر ڏيڍ ۾ زمين جي سنوت ڪرڻ کان پوءِ پاڻي ڏئي ڇڏيو. زمين وٽ ۾ اچڻ تي ليولر هڻي پاڻ ڏيو. ان کان پوءِ گوبل يا (زمين ليزر سان ليول ۾ هئڻ جي صورت ۾) ڪلٽيويٽر جا ٻه هر ڪراس ۾ ڏئي ٻي هر سان سهاڳو لڳايو. پوءِ ستن انچن جي وٿيءَ تي ٻج ڊرل يا ناڙي ڪريو. پوک جو اهو طريقو سٺي زمين لاءِ مناسب آهي.

چٽ ڪيڙ يا وٽ واري پوک:

جيڪڏهن چٽ ڪيڙ يا وٽ واري پوک ڪرڻي هجي ته هر ڏيڍ ۾ زمين سنوت ۾ آڻڻ کان پوءِ زمين ۾ پاڻي ڏئي ڇڏيو ۽ زمين وٽ ۾ اچڻ تي ليولر هڻي پاڻ ۾ ٻج وجهو. ان کان پوءِ ٻه هر ڪراس ۾ هڻي سهاڳو هڻو. وٽ واري زمين ۾ پوک جو اهو طريقو وڌيڪ موزون آهي.

گهڙٻي يا ڪرڙ پوک:

اهي آبادگار جن جي زمين ۾ لوڻياٺ زمين جي سطح تي موجود هوندي آهي يا وري انهن جي زمين گهڻي سخت هوندي آهي تن لاءِ پوک جو هي طريقو مناسب آهي. ان ۾ هر ڏيڍ کان پوءِ زمين سنوت ۾ آڻي ٽوس ڪلٽيويٽر يا اسپرنگ واري ڪلٽيويٽر جا ٻه هر ڪراس ۾ ڏئي زمين ۾ پاڻي جي ذريعي پاڻ ڏيو. پاڻي زمين ۾ جذب ٿيڻ کان پوءِ گپ ۾ ٻج ڇٽيو. ڪلراٺي ۽ سخت زمين جي لاءِ پوک جو اهو طريقو گهڻو موزون آهي.

نوٽ: گپ ڇٽ لاءِ ٻج کي 4 ڪلاڪن تائين پسائي استعمال ڪرڻ گهرجي. گهڻو ٻج استعمال ڪرڻ سان به پيداوار متاثر ٿئي ٿي.

ٽي ڊي_1 واري جنس جو ٻج بيٺل پاڻي ۾ ڪڏهن به ڇٽ نه ڪرڻ گهرجي، پر رڳو گپ ۾ ئي ڇٽ ڪئي وڃي. بيٺل پاڻيءَ ۾ ٻج ڇٽڻ سان ان جو ڦوٽهڙو متاثر ٿيندو.

جڏهن گهمري (چوواليو) جي هوا لڳندي هجي ته ان وقت به ٽي ڊي_1 جنس واري ٻج جي پوک نه ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي ٽي ڊي_1 جنس جي پوک موسم ۽ زمين جي قسم کي نظر ۾ رکندي ڪئي وڃي.

گاهه مار دوا جو استعمال

ويڪرن پنن وارين جڙي ٻوٽين جي لاءِ "بڪٽرل سپر" پهرئين پاڻي تي زمين وٽ ۾ اچڻ تي اسپري ڪريو.

گاهه جهڙين جڙي ٻوٽين دنبي، سٽي جهنگلي جئي وغيره جي لاءِ "پوما سپر / ٽاپڪ" پهرئين پاڻي تي زمين وٽ ۾ اچڻ تي اسپري ڪريو.

سنڌ حڪومت نيٺ فلور ملن کي ڪڻڪ جاري ڪري ڇڏي

سنڌ ۾ ڪيتري ئي وقت تائين ڪڻڪ جو بحران رهڻ کان پوءِ نيٺ سنڌ حڪومت 16 آڪٽوبر کان پنهنجي سرڪاري ڪڻڪ جاري ڪري ڇڏي. سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ ڪڻڪ جو اهو بحران هلندڙ سال ڪڻڪ لهڻ کان پوءِ ترت ئي شروع ٿي ويو هو. وفاقي حڪومت صوبائي حڪومت تي جولائي ۽ آگسٽ کان ئي زور پريندي رهي ته اها پنهنجي ڪڻڪ مارڪيٽ ۾ آڻي پر سنڌ حڪومت پنهنجي مقرر ڪيل وقت آڪٽوبر کان اڳ ڪڻڪ جاري ڪرڻ کان انڪار ڪندي رهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪڻڪ جي هڪ مڻ جو اگهه 2100 تائين ۽ اٽي جو اگهه 65 کان 70 روپيا ڪلو تائين پهچي ويو.

13 آڪٽوبر تي سنڌ ڪابينا جي گڏجاڻيءَ ۾ سنڌ ڪابينا تفصيلي غور ويچار کان پوءِ نيٺ 16 آڪٽوبر کان 3687.50 رپيا في 100 ڪلوگرام جي اگهه تي ڪڻڪ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي ۽ اها اميد ظاهر ڪئي ته ان جي نتيجي ۾ ايڪس مل اٽي جو اگهه 9.13 رپيا في ڪلوگرام گهٽجي ويندو.

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ سيڪريٽري خوراڪ ڪابينا کي پريزينٽيشن ڏيندي ٻڌايو ته هن وقت صوبي جي ڇهن ڊويزنن ۾ 1.262 ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ موجود آهي. هن وڌيڪ چيو ته مارڪيٽ ۾ اٽي جا اگهه مستحڪم آهن جيڪو في ڪلو 57 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو آهي. جنهن تي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته اٽي جي اگهه کي هيٺ آڻڻو پوندو ڇو ته ڪڻڪ مارڪيٽ ۾ موجود آهي تنهن ڪري اگهه هيٺ اچڻ گهرجن. اجلاس ۾ خوراڪ واري وزير هري رام جي سفارش تي 16 آڪٽوبر کان فلور ملن کي ڪڻڪ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي.

اجلاس ۾ بحث کان پوءِ ڪڻڪ جو اگهه باردانِي سميت 3687.50 رپيا في 100 ڪلوگرام جي منظور ڏني وئي ۽ چيو ويو ته ڪڻڪ جي نئين اگهه سان اٽي جو اگهه 9.13 روپيا گهٽجي ويندو ۽ اٽي جي نئين قيمت 47.87 رپيا في ڪلوگرام تي اچي ويندي.

سنڌ جي وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته ايڪس مل جي سطح تي اٽي جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪرائي وڃي ۽ ضلعي انتظاميه کي آگاهه ڪيو وڃي ته اهي ريٽيل سطح تي قيمتن کي ڪنٽرول ڪن. سنڌ جي وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ضلعي انتظاميه کي متحرڪ ڪيو وڃي ۽ صوبي جي عوام کي في ڪلو 9.13 رپيا اگهه گهٽائڻ سان فائدو پهچايو وڃي.

ڪڻڪ جي فصل ۾ پاڻي، نيوٽرينٽس ۽ بائيو اسٽيموليننٽس جو استعمال

200 لٽر واري ڊرم ۾ پاڻيءَ سان ملائي فرٽيگيشن ڪريو

وقت	پاڻي جو استعمال
زمين جي تياريءَ جي وقت زمين جي سنوت ڪرڻ کان پوءِ ڪلٽيويٽر کان اڳ ياڻ ڇٽ ذريعي ڏيو.	ڊي اي پي هڪ ٻوري ۽ ايس او پي سادا 12 ڪلوگرام
پهرئين پاڻي تي تي پوڪ جي 21 ڏينهن کان پوءِ پاڻي (فرٽيگيشن) جي ذريعي.	نائٽروفاس هڪ ٻوري، يوريا اڌ ٻوري، ايس او پي سادا 12 ڪلوگرام ، روٽ بوسٽ 500 ملي گرام، آرگينو امائن هيوميٽ اڍائي لٽر گپ ۾ اڌ ٻوري يوريا ڇٽ ڪريو
ٻي پاڻي تي پوڪ جي 42 ڏينهن کان پوءِ پاڻي (فرٽيگيشن) جي ذريعي.	ڪيلشيم امونيم نائٽريٽ هڪ ٻوري، يوريا اڌ ٻوري، زنڪ ميڪس مائڪرو 3 ڪلوگرام، هيومي ميگ پلس 7 ڪلوگرام گپ ۾ اڌ ٻوري يوريا ڇٽ ڪريو

داڻو ٿلهو ڪرڻ لاءِ:

فليگ ليف اچڻ تي سنگ نڪرڻ کان اڳ نيوٽري فروٽ 500 ملي لٽر ۽ بورو هيومس 200 گرام اسپري سان استعمال ڪريو. باقي 4 پاڻي 21 ڏينهن جي وقفي سان ڏيو.

نوٽ: سنڌو، ڪرن 95، ٽي جي 83 ۽ ٽي ڊي 1 جو فصل 45 ڏينهن جو ٿيڻ تي ان کي رسٽ جي بيماري کان بچائڻ لاءِ نيٽيوو دوا جو اسپري ڪريو، پر بينظير جنس تي اها بيماري نه لڳندي آهي ان ڪري ان تي اسپري جي ضرورت نه آهي.

ڪڻڪ جو نج ٻج ڪيئن حاصل ڪجي؟

ظفر علي کوکر

ڪڻڪ جي فصل مان سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ سٺي زمين، گھربل پاڻي ۽ معياري ٻج اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. رب ڪريم جي مهرباني سان سنڌ صوبو هميشہ مٿي بيان ڪيل نعمتن سان مالا مال آهي. سنڌ جي آبهوا هر قسم جي فصل پوکڻ لاءِ موزون آهي، جڏهن تہ مختلف فصلن جي پوکيءَ لاءِ موزون زمين پڻ موجود آهي. معياري ٻجن جي استعمال سان سٺا فصل اُپائي سگھجن ٿا. زرعي پيداوار وڌائڻ ۾ معياري ٻج کي چوٿين اهم حيثيت حاصل آهي. خاص طور تي 1960ع واري ڏهاڪي ۾ آيل سبز انقلاب ۾ فصل جون جيڪي نيون جنسون متعارف ٿيون انهن جنسن جي سٺي پيداوار جي ڪري ٻج جي اهميت کي وڌيڪ هٿي ملي.

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ اسان جي آبادگار طبقي کي ٻج جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ حاصل نہ ٿي سگھي آهي. جنهن ڪري فصل جي پيداوار ۾ خاطر خواهہ اضافو بہ نہ پيو ٿئي. ان لاءِ آبادگار ڀائرن کي بہ اڳيرو ٿي زرعي ماهرن کان معياري ٻج جي ڄاڻ حاصل ڪري ان تي عمل ڪرڻو پوندو. سٺو فصل اُپائڻ لاءِ معياري ٻج هجڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ٻج صحتمند ۽ معياري هوندو تہ فصل مان في ايڪڙ سٺي پيداوار حاصل ٿيندي. عام بازاري ٻج مان سٺي پيداوار نہ ٿي سگھندي.

ٻج ڇا آهي؟

ٻج هر ان دُاڻي کي چئبو آهي جيڪو زمين ۾ پوکڻ سان ڦٽي نڪري ٿو. زرعي ماهرن جي چوڻ مطابق ٻج صرف ان کي چئبو آهي جيڪو سفارش ٿيل ۽ صحتمند هجي ۽ زمين ۾ پوکڻ سان ڦٽي نڪري. غير تصديق ٿيل بازاري ٻج ۾ ڦوٽهڙو گھٽ ٿئي ٿو ۽ پيداوار بہ گھٽ ملي ٿي. جيئن ۽ بيمارين جي حملي ۾ نقصان ٿيل ٻج ۾ ڦوٽهڙي جي صلاحيت گھٽ هوندي آهي ۽ پوکڻ جي قابل نٿو رهي.

ٻج تندرست خالص ۽ هر قسم جي گند ڪچري کان آجو هجي. عام چوڻي آهي تہ "ٻج هجي نج" ان ڪري نج ٻج حاصل ڪري پوکي لاءِ استعمال ڪجي. نج ٻج حاصل ڪرڻ جا بہ طريقا آهن. هڪ تہ ٻج ڪنهن سرڪاري اداري کان تصديق ٿيل حاصل ڪجي ۽ ٻيو طريقو پنهنجو ٻج تيار ڪري پوکي لاءِ استعمال ڪجي. پنهنجو ٻج رکڻ لاءِ ڪنهن سٺي جنس جو ٻج حاصل ڪري پوکجي ۽ ان جي سارسنڀال بہ سٺي نموني ڪرڻ گھرجي. فصل پچي تيار ٿئي تہ لاباري کان اڳ فصل کي چڱي طرح گھمي ڏسجي. جيڪڏهن ڪنهن ڌارئي جنس جو ٻوٽو نظر اچي تہ ان کي ڪڍي ڇڏجي ۽ مٿي سنگ نظر اچن تہ انهن کي بہ پٽي ڪڍي ڇڏجي تہ جيئن فصل صاف ۽ هڪ ڪرو نظر اچي. اهڙي طرح لابارو ڪري الڳ ڍيرو ٺاهجي ۽ ٿريشر بہ الڳ ڪرڻ گھرجي. ٿريشر هلائڻ کان اڳ مشين کي چڱي طرح صاف ڪجي تہ جيئن ٿريشر ۾ موجود اَنُ ٻج کي ملي خراب نہ ڪري. جيتن جو کاڌل ٻج ڪڏهن بہ پوکي لاءِ استعمال نہ ڪجي، ٻج کي جيتن کان بچائڻ لاءِ اُس ۾ سڪائجي ڇاڪاڻ تہ وڌيڪ گھم جي ڪري بہ جيت ٻج کي نقصان پهچائين ٿا. ٻج سنهو ۽ ڪمزور نہ هجڻ گھرجي. سنهي ٻج جو يا تہ ڦوٽهڙو نہ ٿيندو يا وري ڦٽل سلا ڪمزور ٿيندا. ان ڪري ٻج هميشہ گريڊنگ مشين ۾ صاف ڪري پوءِ پوکجي. پوکي لاءِ صحتمند ٻج استعمال ڪرڻ گھرجي.

پنهنجو ٻج تيار ڪرڻ جي صورت ۾ اُن فصل جي سارسنڀال تي خصوصي ڌيان ڏيڻ گھرجي. ڀاڻ، پاڻي ۽ گندگاهہ جي خاتمي وارن عملن ۾ سستي بلڪل نہ ڪرڻ گھرجي. فصل ۾ جيڪڏهن ڪو تيلو/ٻوٽو ڌاريو نظر اچي تہ ان کي هڪدم ڪڍي ڇڏڻ گھرجي.

ٻج پنهنجو هجي يا ڪنهن اداري کان خريد ڪيل پر اُن جي ڦوٽهڙي جي پڪ ڪرڻ گھرجي. اُن لاءِ سولو طريقو آهي تہ ڪڻڪ جا 100 داڻا ڪٽي پاڻي ۾ پسيل سوٽلي جي ڳوڻ تي رکجن ۽ ڳوڻ جو هڪڙو تهہ داڻن مٿان ڏئي پاڻيءَ جو هلڪو ڦوهارو ڏبو رهجي. ٽن ڏينهن کانپوءِ کولي جانچ ڪجي ۽ جيڪي داڻا ڦٽا هجن انهن جي ڳڻپ ڪجي. جيڪڏهن 100 داڻن مان 90 داڻن کان وڌيڪ انگور جي ويا هجن تہ ان ٻج کي سٺو ٻج چئجي ۽ پوکي لاءِ استعمال ڪجي. جيڪڏهن گھٽ داڻا ڦٽن تہ پوءِ زرعي ماهر سان مشورو ڪرڻ گھرجي. ٻج کي گھر ۾ گڏ ڪري رکڻ وقت ان ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گھرجي تہ ٻج جيڪڏهن لوهي ڳُندي ۾ رکٽو هجي تہ اُن کي اُس بدران ڇانو ۾ رکجي. تيز اُس ۽ گرمي ۾ ٻج جو ڳڀ سڙي ويندو ۽ پوکڻ جي قابل نہ رهندو.

مارڪيٽ مان ٻج وٺڻ وقت ان ڳالهہ جو خيال رکجي تہ ٻج کاڌل نہ هجي ۽ سرڪاري اداري جو ليبل لڳل هجي جنهن جو مقصد ٻج جو معياري هئڻ جي تصديق ڪرڻ آهي. تصديق ٿيل ٻج 50 کان 55 ڪلوگرام في ايڪڙ اڳاٽي يا منداٽي پوک لاءِ 55 کان 60 ڪلوگرام في ايڪڙ پاڇاٽي پوک لاءِ استعمال ڪرڻ گھرجي. جيڪڏهن پنهنجو خرچ بچائڻو آهي ۽ فصل مان في ايڪڙ سٺي پيداوار حاصل ڪرڻي آهي تہ پوءِ ٻج تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻو پوندو. ٻي صورت ۾ اوهان جو فصل تي ڪيل خرچ ٻڏي ويندو ۽ فصل مان گھربل پيداوار حاصل نہ ٿيندي.

سنڌ ۾ پوک لاءِ ڪڻڪ جون سفارش ڪيل جنسون

بدرالدين کوکر

ڪڻڪ جي پوک لاءِ بيمارين کان پاڪ سنڌ صوبي لاءِ سفارش ڪيل جنسن جو نج ۽ تصديق ٿيل ٻج ڪنهن سرڪاري يا خانگي رجسٽرڊ ٻج ڪمپنيءَ کان زمين تيار ڪرڻ کان اڳ وٺجي، ڇو ته اهڙو نج ۽ تصديق ٿيل ٻج پوکڻ جي صورت ۾ 5 کان 10 سيڪڙو في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو اچي ٿو. پوکڻ کان اڳ ٻج کي ڪاڻگي مار زهر لڳائي پوءِ پوکڻ گهرجي ته جيئن ٻج ذريعي پکڙجندڙ بيمارين کان فصل پاڪ رهي.

سنڌ ۾ ڪڻڪ جي اڳاٽي يا منڊائتي ۽ پاڇاٽي پوک ڪئي وڃي ٿي. ڪوشش ڪري زمين وقت تي تيار ڪري ڪڻڪ جي اڳاٽي يا منڊائتي پوک ڪرڻ گهرجي ڇو ته اڳاٽي پوک، پاڇاٽي پوک جي مقابلي ۾ ڏيڍوڻي پيداوار وڌيڪ ڏي ٿي. ڪڻڪ جي اڳاٽي پوک لاءِ الڳ ۽ پاڇاٽي پوک لاءِ الڳ جنسون سفارش ڪيل آهن. ان ڪري اڳاٽي پوک ۾ اهي جنسون پوکڻ گهرجن جيڪي ڪڻڪ جي اڳاٽي يا منڊائتي پوک لاءِ سفارش ڪيل آهن. جيئن: ڪرن - 95، ٽي ڊي - 1، بينظير - 13، مهراڻ - 89، آبادگار - 93، مومل - 02، امداد - 05، حمل - 13، سنڌو - 16، سرسبز، سسئي، خرمن ۽ ايس ڪي ڊي - 1.

واضح ڪندو هلان ته ڪڻڪ جون جنسون ٽي ڊي - 1 ۽ ايس ڪي ڊي - 1، ڪڻڪ جي اڳاٽي توڙي پاڇاٽي پوک لاءِ موزون جنسون آهن. اڳاٽي يا منڊائتي پوک ۾ تمام سٺي پيداوار ڏين ٿيون ۽ پاڇاٽي پوک ۾ پيداوار گهٽ ڏين ٿيون.

هميشه ڪڻڪ جون اهي جنسون پوکڻ گهرجن، جيڪي سنڌ صوبي طرفان ايجاد ڪيون ويون آهن. ڇو ته اهڙين جنسن تي هتان جي آبهوا مطابق واڌ ويجهه ڪرڻ ۽ بيمارين کان بچڻ جي صلاحيت موجود آهي. ڪنهن ٻئي ملڪ يا صوبي جون جنسون هرگز نه پوکڻ گهرجن ڇو ته انهن تي گهٽ پيداوار لهڻ ۽ مختلف بيماريون لڳڻ جو خطرو رهي ٿو.

سرنهن جي جديد پيداواري ٽيڪنالاجي

محمد طارق

سرنهن جي ٻجن جون خاصيتون

سرنهن گهٽ خرچ ۽ ٿوري وقت ۾ وڌيڪ منافعو ڏيندڙ فصل آهي، هن جو ٻيو فائدو اهو بہ آهي تہ هن جي پوک کان پوءِ وونئڻ پڻ جلد لڳائي سگهجن ٿا. هن جي سيپٽمبر واري پوک ڪمند جي فصل سان گڏيل پوک پڻ ڪمند جي ٻن قطارن جي وچ ۾ ٿي ڪري سگهجي ٿي. بصر ڪيڻ کان پوءِ انهن جي ڪرين تي پڻ سرنهن جي چنگي ذريعي پوک ڪري سگهجي ٿي.

پوک جو وقت

سرنهن جي پوک 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر تائين ڪري سگهجي ٿي. آبادگار پنهنجي پنهنجي علائقي جي موسمي حالتن کي ڏسي پڻ پوک جي صحيح وقت جو ڪاٿو لڳائي سگهن ٿا.

ٻج جي شرح

سرنهن جي پوک لاءِ هڪ ايڪڙ ۾ 2 ڪلوگرام ٻج جو استعمال ڪرڻ گهرجي. زمين جي تياريءَ کان هڪ مهينو اڳ وٽاڻ جو پاڻ سال ۾ هڪ ڀيرو ضرور وجهڻ گهرجي، زمين کي پاڻ ڏيڻ کان پوءِ ان کي پاڻي ڏئي تڏو ڪرڻ گهرجي.

زمين جي تياري

گوبل جا ٻہ هر ڪراس ۾ (اتر کان ڏکڻ ۽ اوڀر کان اولهہ) ڏيو ۽ هڪ ڀيرو روٽاويٽر هلايو. زمين کي ليزر ليولر جي ذريعي سنوت ۾ آڻيو، پوءِ ڪلٽيويٽر جا ٻہ هر ڪراس ۾ ڏئي زمين ۾ پاڻي ڀري ڇڏيو ۽ گپ ۾ ٻج جي ڇٽ ڪريو.

ٻج جي ڇٽ بيٺل پاڻي ۾ نہ ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ ايئن ڪرڻ سان ٻج جو قوتهڙو متاثر ٿيندو. زمين جو سنوت ۾ برابر هئڻ ضروري آهي، جيڪڏهن زمين برابر نہ هوندي تہ اتي پاڻي بيهڻ سان ٻوٽا سڙي ختم ٿي سگهن ٿا.

پوک جو طريقو

هٿ واري ڊرل ذريعي

وٽ ۾ آيل زمين تي سهاڳو لڳائڻ کان پوءِ نشان هڻي

سرنهن جي فصل ۾ پاڻ، نيوٽرينٽس ۽ بائيو اسٽيموليننٽس جو استعمال

200 لٽر واري ڊرم ۾ پاڻيءَ سان ملائي فرٽيگيشن ڪريو

وقت	پاڻي ۾ ملائي ڏيڻ	اسپري ذريعي ڏيڻ
پهرئين پاڻي تي (لڳائڻ وقت)	نائٽروفاس هڪ ٻوري، روٽ بوسٽ 500 ملي لٽر، آرگينو امائن هيوميٽ اڍائي لٽر، ايس او پي ساڍا 12 ڪلوگرام	
ٻي پاڻي تي پوک کان 21 ڏينهن پوءِ	يوريا هڪ ٻوري، فاس گرو 2 لٽر، زنڪ ميڪس مائڪرو 3 ڪلوگرام، ايس او پي ساڍا 12 ڪلوگرام	
گل ڦٽڻ تي	ڪئلشيم امونيم نائٽريٽ هڪ ٻوري، هيومي ميگ پلس 7 ڪلوگرام	نيوٽري فروٽ 500 ملي لٽر، بورو هيومس 200 گرام

قطارن ۾ هٿ واري ڊرل جي ذريعي پوک ڪريو، هڪ کان ٻي قطار جي وچوٽي هڪ کان ڏيڍ فٽ تائين رکڻ گهرجي، اونهائي هڪ انچ کان وڌيڪ نہ هئڻ گهرجي. ٻوٽا ڦُٽڻ کان پوءِ انهن جي ڇڊائي ڪري ٻوٽن جي هڪ ٻي کان وچوٽي 6 کان 9 انچ رکڻ گهرجي.

ڇٽ ذريعي

پاڻي زمين ۾ لهي وڃڻ کان پوءِ گپ ۾ هڪ ڀيرو ڊيگهہ ۾ ۽ ٻيو ڀيرو ويڪر ۾ ڇٽ ڪريو. بيٺل پاڻي ۾ ڇٽ نہ ڪرڻ گهرجي.

ڪرين تي پوک

هڪ کان ڏيڍ فٽ جا ڪريا ٺاهي انهن تي 6 کان 9 انچن جي وٿيءَ تي ڪرپي جي ذريعي چنگي پوک ڪريو. بصر واري پوک ۾ بصر ڪيڻ کان پوءِ ڪرين کي صاف ڪري انهن تي ئي 6 کان 9 انچن جي وٿيءَ تي ڪرپي ذريعي چنگي پوک ڪريو.

ڇڊائي

جڏهن ٻوٽن جا 4 کان 6 پن نڪرن تہ انهن مان ڪمزور ٻوٽن کي ڪڍي ٻوٽن جي وچ ۾ وٿي 6 کان 9 انچن تائين ڪري ڇڏيو. ڇٽ واري پوک ۾ سمورن ٻوٽن جي هڪ ٻي کان وٿي 9 انچ ڪري ڇڏيو.

جڙي ٻوٽين کي ختم ڪرڻ

فصل ۾ جڙي ٻوٽيون هئڻ جي صورت ۾ پيداوار ۾ 50 سيڪڙو تائين لاٿ ٿي وڃي ٿي. ان ڪري اهو ضروري آهي تہ پوک کان پوءِ زمين وٽ ۾ اچڻ تي گُڏ ضرور ڪيڻ گهرجي.

پاڻي

سرنهن جي فصل کي پاڻي زمين جي قسم، موسم ۽ فصل کي ڏسي ڏيڻ گهرجي. گل نڪرڻ کان وٺي داڻو ٺهڻ تائين فصل کي پاڻي ڏيندا رهو تہ جيئن پاڻي جي کوٽ سان فصل متاثر نہ ٿئي.

لڻائي

فصل کي پنهنجي پوري وقت تي لُڻڻ گهرجي، وقت کان اڳ يا وري دير سان لُڻڻ جي ڪري بہ پيداوار ۾ گهٽتائي ٿي سگهي ٿي، ان ڪري وقت سر ڦرهين کي ڏسندا رهو، جڏهن 70 سيڪڙو ڦرهين جو رنگ پورو ٿي وڃي تہ فصل لُڻڻ شروع ڪرڻ گهرجي. لوب صبح جي وقت ڪرڻ گهرجي تہ جيئن داڻا نہ ڇڻن. فصل لُڻڻ کان پوءِ ان کي 8 کان 10 ڏينهن تائين سکڻ لاءِ ڇڏي ڏيو. ان کان پوءِ ٿريشر سان ان جو ڳاهہ ڪريو.

ڀاڻ

ڀاڻن جو ڀرپور فائدو وٺڻ لاءِ زمين جو تجزيو ضرور ڪرائڻ گهرجي، ان تجزيي جي روشني ۾ ئي ڀاڻن جو استعمال ڪرڻ گهرجي.

سرنهن جون بيماريون ۽ انهن جو علاج

بيماري	دوا	وزن ۽ طريقو
وبائي ساڙ	ٽاپسن ايم	اڍائي گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي اسپري ڪريو
اڇي ڪنگي	مينڪوزيب	اڍائي گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي اسپري ڪريو
اڇي ڦقوندي	ٽاپسن ايم	اڍائي گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي اسپري ڪريو

فصل ۾ نيوٽرينٽس ۽ بائيو اسٽيموليٽس جا ڪم

زنڪ ميڪس مائڪرو Zinc Max Micro	هي ٻوٽي جي قوت مدافعت کي وڌائي ٿو، ٻوٽي کي طاقتور ڪري ٿو، ڀاڻن کي ضايع ٿيڻ کان بچائي انهن جي ٻوٽي تائين پهچ کي تيز ڪري ٿو، ٻوٽي کي گرمي ۽ سيءَ جي اثرن کان بچڻ ۾ مدد ڪري ٿو.
فاس گرو Phos Grow	هي زمين ۾ لوڻياٺ کي گهٽائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو، زمين کي نرم ڪري ٿو ۽ ٻوٽي تائين فاسفورس جي پهچ کي وڌائي ٿو.
هيومي ميگ پلس Humi Mag +	زمين جي زرخيزي وڌائڻ، ٻوٽي جي سگهہ وڌائڻ ۽ ان کي بيمارين کان بچائڻ ۾ هن جو اهم ڪردار آهي.
بورو هيومس Boro Humus	هن ۾ ٻوٽي جا گل وڌيڪ آڻڻ، گل ڇڻڻ کان بچائڻ ۽ سج جي روشنيءَ مان خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ٻوٽن جي صلاحيت ۾ واڌ لاءِ وڏي صلاحيت آهي. هي بوران جي کوٽ پوري ڪري ٿو ۽ ڀاڻن جي پهچ تيز ڪري ٿو.
آرگينو امائن هيوميٽ Organo Amine Humate	هي زمين ۾ آرگينڪ ميٽر جي کوٽ ختم ڪرڻ، زمين جي زرخيزي وڌائڻ، زمين نرم ۽ وٽ ۾ رکڻ ۽ ڀاڻن جي جلد پهچ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.
نيوٽري فروٽ Nutri Fruit	هي داڻا وڌيڪ پيدا ڪرڻ، انهن جو وزن وڌائڻ، ٻوٽي کي موسم جي اثرن کان بچائڻ ۽ ان ۾ بيمارين کان بچڻ لاءِ قوت مدافعت پيدا ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو
روٽ بوسٽ Root Boost	هي پاڙن کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

ابصار مٺل جسڪاڻي

فصلن ۾ بيماريون لڳڻ، پکڙجڻ ۽ انهن کان بچاءُ

فصلن ۾ بيماري جا ڪهڙا سبب آهن؟ ڪافي ماڻهو ان جو جواب هن طريقي سان ڏين ٿا ته ”بيڪٽيريا، فنجاءِ، وائرس ۽ نيماٽوڊ“ جي ڪري بيماريون لڳن ٿيون، پر اهو صرف جواب جو حصو آهي پورو جواب نه آهي.

پلانٽ پيٿالاجسٽ جي مطابق بيماري 3 ڳالهين جي ڪري ٿئي ٿي، جنهن کي بيماري جو ٽڪنڊو چئبو آهي. جنهن ۾ ٻوٽو، بيماري پيدا ڪندڙ جراثيم ۽ سازگار ماحول جو هجڻ ضروري آهي. جنهن جي ڪري بيماري ٿئي ٿي. بيماري پيدا ڪرڻ جي لاءِ حساس ٻوٽو (ميزبان) هجي، ۽ ان ٻوٽي ۾ بيماري پيدا ڪندڙ جراثيم هجي ۽ ان کان پوءِ جراثيم جي لاءِ سازگار ماحول هجي. مثال طور ان جيوڙي کي بيماري پيدا ڪرڻ جي لاءِ گرم ماحول کپي، تيستائين اها بيماري پيدا ڪونه ٿيندي جيستائين ان کي اهو ماحول نه ملي، پوءِ ڀلي ٻوٽو حساس ڇو نه هجي. اها بيماري 4 مکيه جيوڙن جي ڪري ٿئي ٿي، جيڪي بيڪٽيريا، فنجاءِ، وائرس ۽ نيماٽوڊ آهن. اهي جيوڙا بيماري لڳڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن ڪجه اهڙيون به علامتون ظاهر ڪندا آهن جيڪي ٻوٽي ۾ ماحولياتي عنصر جيئن روشني، گرمي، غذا جي گهٽ وڌائي جي ڪري ظاهر ٿين ٿيون.

ڪنهن به بيماري جو سبب هڪ نظر ۾ ڏسي پڪ سان نٿو ٻڌائي سگهجي ته اها بيماري ڇا جي ڪري ٿي آهي؟ جستائين ان کي ليبارٽري ۾ آڻي ليبارٽري چڪاس نٿي ڪئي وڃي.

بيماري پکڙجڻ جا ذريعا:

جيتن وسيلي: مختلف وائرس viral بيماريون جيتن جي ڪري پکڙجن ٿيون جيڪي هڪ بيمار ٻوٽي مان صحتمند ٻوٽي تائين جراثيم منتقل ڪن ٿا.

هوا وسيلي: فنگس پنهنجا تخم ميزبان ٻوٽي جي مٿاڇرين سطح تي پيدا ڪري ٿي، جيڪي هوا جي ڪري آساني سان هڪ جڳهه کان ٻيءَ جڳهه تائين پکڙجن ٿا ۽ مختلف بيماريون جنم وٺن ٿيون جهڙوڪ: پنن تي داغ، پنن جو ساڙ ۽ اڇي سينور واري بيماري وغيره.

پاڻي وسيلي: پاڻي جي وهڪري جي مختلف طريقن سان بيماري پکڙجي ٿي. جڏهن مينهن جو پاڻي ٻوٽي جي مختلف حصن سان لڳندو اڇي تو جيئن هڪ پن کان ٻئي پن تائين، هڪ ٽاري کان ٻيءَ ٽاري تائين، هڪ ٻوٽي کان ٻي ٻوٽي تائين جڏهن انهن جي وچ جو مفاصلو گهٽ هجي.

جانورن وسيلي: جانورن کي ڪنهن صورت ۾ بيماري پکيڙيندڙ به چئي سگهجي ٿو. انهن جي ٽنگن، پيرن ۽ جسم جي ٻين حصن تي ڪجهه اهڙا جراثيم چنبڙي وڃن ٿا جيڪي مختلف بيمارين جو سبب ٿي سگهن ٿا. جيئن پاڙ جي ڳرڻ ۽ ٻوٽو ڪومائجڻ واريون بيماريون.

زمين ۾ استعمال ٿيندڙ اوزار: جڏهن ڪنهن بيمار زمين ۾ استعمال ڪيل اوزار ٻيءَ زمين جي تياري لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا ته ان بيمار زمين ۾ موجود جيوڙا انهن اوزارن ۾ لڳن ٿا جيڪي صحتمند زمين ۾ ساڳيا اوزار بنا صفائي جي استعمال ڪرڻ جي ڪري ان کي به بيماري جو شڪار ڪريو ڇڏين.

احتياط علاج کان بهتر آهي، اهو اسان جي صحت توڙي اسان جي زمين جي صحت لاءِ ضروري آهي. اسان کي زمين جي صفائي رکڻ گهرجي هر روز زمين جي سارسنڀال لهڻ گهرجي ته ان ۾ ڪا بيماري يا نقصانڪار جيتن جو حملو ته نه ٿيو آهي، جيڪڏهن ٿي به ويو آهي ته ان کي جلد کان جلد زرعي ماهرن جي صلاح مطابق اڳتي وڌڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪريون.

بيماري کان بچاءَ جا اپاءَ:

بيماري کان پاڪ ٻج پوکجي ۽ بيماري کان پاڪ قلم لڳائڻ گهرجن.

قوتِ مُدافعت رکندڙ جنسون پوکجن.

زمين ۾ لاڳيتو ساڳيو فصل پوکڻ سان بيماري وڌي ٿي ان ڪري لازمي آهي ته هر فصل کان پوءِ 3 کان 4 سالن تائين فصل جي وارڦير ڪرڻ گهرجي.

زمين کي گهرج مطابق وقت تي ڀاڻ ۽ پاڻي ڏيڻ گهرجي.

پاڻي جي نيڪال جو بهتر انتظام ڪرڻ گهرجي.

ٻوٽن جي وچ ۾ مناسب وٿي هجڻ گهرجي ته جيئن هوا جو صحيح طرح سان گذر ٿئي ۽ هر ٻوٽي تائين سج جي روشني پهچي سگهي.

نقصانڪار جيتن تي ضابطو آڻجي ته جيئن هڪ جڳهه کان ٻيءَ جڳهه تائين بيماريون پيدا ڪندڙ جراثيم نه پکڙي سگهن.

گندگاهه ۽ پنن کي زمين مان ڪڍي يا ساڙي ڇڏجي.

جڏهن زمين آلي هجي ته فصلن ۾ ڪا به سرگرمي نه ڪرڻ گهرجي.

حياتياتي طريقي وسيلي خاتمو. (ڪجه فائيديمند جيت اهڙا ٿين ٿا جيڪي قدرتي نقصانڪار جيتن تي ضابطو آڻين ٿا.)

زمين جي صفائي ۽ زمين ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن جي صفائي.

ٻوٽي جي بيمار حصن کي جلد کان جلد ڪڍي ساڙي ڇڏجي.

آخري حل زرعي زهر: اسان عام طور تي بيماري جي ظاهر ٿيڻ وقت ئي مختلف زرعي زهر استعمال ڪندا آهيون جنهن جو ظاهري طور ته اسان کي فائدو نظر ايندو آهي پر ان جي ڪري زمين ۾ فائديمند جراثيم ۽ جيت به مري وڃن ٿا. ٻوٽي جي صحت متاثر ٿئي ٿي ۽ زمين ڪمزور ٿئي ٿي جنهن ڪري اسان کي جيڪا پيداوار ملڻ کپي سا ملي نه سگهندي آهي. انهن زهرن (دوائن) جو استعمال تڏهن ئي ڪرڻ گهرجي جڏهن بيماري روڪڻ لاءِ هر ڪوشش ناڪام ٿي وڃي ته پوءِ ئي انهن تي ڪيميڪسل ذريعي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.

igital rinting
DIGITAL
PRINTING
&
ADVERTISING
SERVICES
پرنٽنگ
اينڊ
ايڊورٽائزنگ سروسز
سنڌي ، اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ اشتهارن جي اشاعت
پينافليڪس، شادي ڪارڊ، وزيٽنگ ڪارڊ، ليٽر پيڊ،
اسٽيڪر، بل بڪ، سميت اخبارن ، رسالن ۽ ڪتابن جي
ڪمپوزنگ ۽ اعليٰ معيار جي پرنٽنگ تائين جي بهترين
۽ معياري سروس
0300-8379698 0300-3084997

میون جي اهميت ۽ ميوي جي مک جا مسئلا

پروفيسر ڊاڪٽر پائي خان سولنگي

ڪورونا جون اهڙيون کهڙيون ڳالهيون باقي رهيل آهن، جيڪي لڪجن!؟ هر هڪ کي تہ خبر پئجي چڪي آهي. سڄي دنيا ڪورونا وائرس جي وبا مان ڇوٽڪاري جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي. اها بہ سيني کي سڌ آهي، تہ ڪن کي ڪورونا نہ هجڻ جي پُل ايتري آهي، جو ڪين ڪورونا هجڻ تي اعتبار ئي نہ آهي! اها غلط فهمي وڏيڪ هاڃيڪار آهي.

طبي سائنس مطابق، ڪورونا وائرس ڪمزور ماڻهن ۾ وڌيڪ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو. جيڪي ماڻهو حياتين سي يعني وٽامن سي ۽ ٻين لحميات توڙي صحتمند جسم لاءِ گهربل ضروري خوراڪي جزن تي ڌيان نہ ٿا ڏين، متوازن خوراڪ حاصل نہ ٿا ڪن، انهن ۾ ڪورونا خلاف قوت مدافعت گهٽ ٿيندي، تہ اهي وڌيڪ متاثر ٿي سگهن ٿا.

خوراڪ ۽ طب جي ماهرن مطابق ميون ۾ حياتين سي سميت اهي سڀ ضروري خوراڪي شيون موجود هونديون آهن، جيڪي هوندئن بہ صحت جون ضامن آهن، پر ڪورونا کان پهرين، ڪورونا سبب بيماري دوران ۽ ڪورونا کان پوءِ بہ خوراڪ ۾ شامل هجڻ ضروري آهن.

خوراڪي اهميت جي پيش نظر ميوا تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. ان ڪري مختلف ميون جا باغ لڳائي، ميوي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جون ڪوششون صدين کان جاري آهن ۽ مستقبل ۾ پڻ جاري رهنديون.

ميون ۾ انب ميون جو بادشاهہ آهي ۽ ميوي جي مک انب سميت مختلف ميون ۽ ڀاڄين جي دشمن آهي. ان ڪري ڪورونا جي موجوده ڳڻتي جوڳي صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ڪجهہ ضروري معلومات، ان آس ۾ ڏجي پئي، تہ جيئن ان مان لاڀ حاصل ڪري سگهجي.

انب انساني صحت لاءِ انب وٽامن اي_ بي ۽ سي مهيا ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، جنهن ۾ پروٽين، شگر، فئٽس، فائبر ۽ آئرن وڏي مقدار ۾ شامل آهن. دنيا ۾ انبن جا 1595 قسم ٿين ٿا، جڏهن تہ پاڪستان ۾ عام طور تي 250 قسم ٿين ٿا، تن مان خاص سنڌڙي، چونسا، نيلم، لنگڙو، سرولي، بادامي، دسيري، انور رٽول، انمول، سوارناريڪا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. پاڪستان ۾ 2019ع جي پڌري ڪيل رپورٽ مطابق انبن جي پيداوار 1.5 ملين ٽن ۽ انهن جي پرڏيهہ وڪري لاءِ روانگي 115000 ٽن ٻڌائي وئي آهي. دنيا ۾ پاڪستان انب جي پيداوار 39 سيڪڙو مهيا ڪري ٿو، تنهن ڪري پاڪستان انبن جي پيداوار ڏيڻ ۾ چوٿين نمبر تي ليکيو وڃي ٿو.

ميوي جي مک (FruitFlies)

دنيا ۾ ميوي جي مک جون 45 سئو جنسون ٿين ٿيون، جن مان 40 قسم تمام گهڻا نقصانڪار ٿين ٿا. پاڪستان جي باغن ۾ Bactrocerazonata ۽ Bactroceradorsalis عام طور تي ملن ٿيون!

Bactroceradorsalis(Hendel)

هن چمڪدار ميوي جي مک کي سڀ کان پهريان، مشرقي ايشيائي باغن ۾ انبن تي حملو ڪندي ڏٺو ويو. ان ڪري هن کي (Oriental) سڏيو وڃي ٿو. هن مک جي مادي انبن جي کل اندر آنا لاهي ٿي، جنهن کان پوءِ ميوي مان رس ٽمڻ لڳندي آهي، ۽ بعد ۾ 24 ڪلاڪ کان 36 ڪلاڪن اندر ڪينئان Larvae ڦٽي نڪرن ٿا.

ڪينئان انبن کي اندران ئي اندران کائيندا رهن ٿا، ۽ پوءِ سوپٽ Pupa بڻجي وڃن ٿا. ڪينئان ۽ سوپٽ جون حالتون هر هڪ اٽڪل 5 کان 9 ڏينهن تائين رهن ٿيون، سوپٽن مان مکيون ڦٽي نڪرن ٿيون. نر مک 65 کان 70 ڏينهن تائين زندهہ رهي ٿي، جڏهن تہ مادي مک جي حياتي 70 کان 95 ڏينهن تائين ٿئي ٿي. انهي ڪري ڪينئان (Larvae) انبن کي نقصان رسائڻ جو مکيہ ڪارڻ پڻ ٿين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو انبن جي پيداوار کي ساليانو 30 کان 40 سيڪڙو نقصان پهچي ٿو!. اهڙي صورتحال ۾ جيت مار دوائن ذريعي انهن ڪينئن (Larvae) جو خاتمو ڪرڻ يا انهن کي قابو ۾ آڻڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. ڇو تہ هو انبن جي اندر موجود ڳر (Pulp) کي کائيندا رهن ٿا. جيڪڏهن انهن زهريلي دوائن جا ذرڙا انبن مٿان رهجي وڃن ٿا تہ، ويتر انسانن ۽ جانورن جي صحت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿين ٿا ۽ اجا بہ وڌيڪ بيماريون پکڙجي وڃن ٿيون.

Bactrocerazonata(Saunders)

هي ميوي جي مک گهڻو ڪري زيتون کي هر سال 25

کان 50 سيڪڙو تائين نقصان پهچائي ٿي. ان کان سواءِ انب، ٻير، چڪو، پپيتو ۽ هاٽي هن کي ڪيلي تي بہ نقصان ڪندي ڏٺو ويو آهي.

حياتياتي ضابطو (Bio-control)

اڄڪلهہ اهڙا طريقا استعمال ڪيا وڃن، جن سان ميوي جي مک جو خاتمو اچي سگهي ۽ ماحول بہ صاف سٿرو رهي سگهي. اهڙن طريقن ۾ سڀ کان وڌيڪ فائديمند حياتياتي ضابطو آهي.

ميوي جي مک تي ضابطي واري طريقي ۾ (فائديمند جيت) پئراسٽائيڊ (Dirhinus giffardii) ۽ (Aganaspis) استعمال ٿين ٿا. جيڪي قدرتي طور ميون جي مک جي ڪينئن (Larvae) ۾ ۽ سوپٽ (Pupa) تي پنهنجا آنا لاهي، انهن کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏين ٿا.

Aganaspis daci (weld)

جڏهن باغن ۾ انب، ميون جي مک جي ڪينئن (Larvae) سبب ڦاٽي، هيٺ زمين تي ڪري پون ٿا، تہ انهن مان ڪينئان (Larvae) ميوي جي ٻاهرين سطح تي نڪري اچن ٿا، تڏهن هن پئراسٽائيڊ (Aganaspis

Aganaspis daci (weld)

daci) جي مادي انهن ڪينئن (Larvae) جي ڪل اندر پنهنجو آنو لاهي ٿي، تنهن ڪري هن کي اندروني (Endo-parasitoids) سڏيو وڃي ٿو. هن جي آني منجهان پئراسٽائيڊ جو ڪينئون (Larvae) ڦٽي پوي ٿو. جيڪو اندران ئي اندران ميوي جي مک جي ڪينئن (Larvae) جي جسم کي کائيندو رهي ٿو ۽ پنهنجي واڌ ويجهہ بہ ڪندو رهي ٿو. ان عرصي دوران ميوي جي مک جو ڪينئون (Larvae)، سوپٽ (Pupa) جي شڪل اختيار ڪري وٺي ٿو. نتيجي ۾ ان سوپٽ (Pupa) اندر پيدا ٿيندڙ ميوي جي مک کي پئراسٽائيڊ (Aganaspis daci) جو ڪينئون (Larvae) کائيندو رهي ٿو جڏهن تہ سوپٽ ۾ اندر پنهنجو سوپٽ ٺاهي بالغ ٿي ٻاهر نڪري اچي ٿو، جنهن جي حياتي اٽڪل 3 کان 4 هفتا ٿئي ٿي، ۽ هر هڪ مادي 38 کان 40 آنا لاهيندي آهي، تنهن ڪري هن کي (Larval cum pupal) پئراسٽائيڊ (Parasitoid) سڏيو ويندو آهي.

Dirhinus giffardii (Silvestri)

هي ميوي جي مک جي سوپٽ جو پئراسٽائيڊ (Parasitoid) آهي. باغن ۾ زمين مٿان ڪريل ميون ۾ موجود ميون جي مک جا ڪينئان (Larvae) ٻاهر نڪري (Popout) ڪندا رهندا آهن، ۽ اهي اتي مٽيءَ جي شگافن ۾ ئي سوپٽ ٺڄي ويندا آهن. سوپٽ تي موجود ڪڏن ۽ کڏن (grooves) تي هي پئراسٽائيڊ (Dirhinus giffardii) جي مادي آنو لاهيندي آهي. ان ڪري هن کي ٻاهريون (Ectoparasitoid) چئبو آهي، ۽ جڏهن آني مان پئراسٽائيڊ جو ڪينئون (Larvae) ڦٽندو آهي تہ، اهو سوپٽ (Pupal) ۾ سوراخ ڪري اندر داخل ٿي ويندو آهي. اتي واڌ ويجهہ جي مرحلي ۾ موجود ميوي جي مک کائي ختم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ سوپٽ (Pupa) ٺڄي ويندو آهي. هي ڪينئين (Larvae) ۽ سوپٽ (Pupa) جي حالت ۾ اٽڪل 15 کان 18 ڏينهن تائين رهي ٿو، ان کان پوءِ هي بالغ ٿي ٻاهر نڪري ايندو آهي. جڏهن هي پئراسٽائيڊ (Dirhinus giffardii) ميوي جي مک (Bactrocera dorsalis) جي سوپٽ مان ڦٽندو (Emerge) آهي تہ، هن جي حياتي اٽڪل 3 کان پنج هفتن تائين هوندي آهي، ۽ هر هڪ مادي 40 کان 43 آنا لاهيندي آهي. ساڳي ريت، جيڪڏهن هي پئراسٽائيڊ (Dirhinus giffardii) ميوي جي مک (Bactrocera zonata) جي سوپٽ Pupa مان ڦٽندو آهي، تہ هن جي حياتي اٽڪل 6 کان 7 هفتن تائين ٿيندي آهي، ۽ هر هڪ مادي اٽڪل 120 تائين آنا لاهيندي آهي. ان مان اهو ثابت ٿيو تہ پئراسٽائيڊ (Dirhinus giffardii) جي ميزبانن ورتل خوراڪ سندس عمر ۽ آنن جي مقدار کي وڌائي ۽ گهٽائي سگهجي ٿو.

خاص صلاحون (Recommendations)

هنن ٻنهي پئراسٽائيڊس Dirhinus giffardii ۽ Aganaspis daci کي بائيو ڪنٽرول ليبارٽريز ۾ 26 ۽ 28 سينٽي گريڊ تي پاليو وڃي ٿو ۽ پوءِ زيتون جي باغ ۾ مارچ کان مئي ۽ آگسٽ کان نومبر تائين ۽ انبن جي باغ ۾ جولاءِ کان سيپٽمبر تائين (Parasitization) لاءِ ڇڏيو ويندو آهي.

آخري اهم گذارش!

آخري اهم گذارش اها آهي تہ ڪورونا وائرس وبا جي حوالي سان ڏيهہ توڙي پرڏيهہ جي طبي ماهرن (ڊاڪٽرن)، صحت کاتي ۽ ٻين حڪومتي ادارن جي خبرن ۽ صلاحن تي اعتبار ڪري، ڪورونا وائرس کان بچاءُ جي لاءِ ملندڙ سمورين صلاحن تي سختي سان عمل ڪرڻ گهرجي. جيترو بہ ممڪن ٿي سگهي، صحتمند ميوو خوراڪ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. صحتمند ميوو حاصل ڪرڻ لاءِ ميوي جي مک متعلق ڏنل معلومات جي روشني ۾،

Dirhinus giffardii (Silvestri)

ميون کي ميوي جي مک کان بچائڻ گهرجي.

هر هڪ باغ ۾ پئراسٽائيڊ Dirhinum giffardii ۽ Aganaspis daci في ايڪڙ 500 کان 3000 هر پندرهين ڏينهن کانپوءِ ڇڏيا وڃن، تہ جيئن حياتياتي نظام تحت صحت بخش ميوو حاصل ڪري پنهنجي ڌرتي ۽ قوم سان سچائي جو ثبوت ڏيون ۽ ججهي مقدار ۾ ناڻو پڻ ڪمايون.

ٽنڊي الهيار ۾ ”ڪمند جي منافع بخش پوک“ جي موضوع تي سيمينار

فاطمہ فرٽيلائيزر ڪمپني جي انتظام هيٺ ٽنڊيالهيار ۾ ”ڪمند جي منافع بخش پوک“ جي عنوان سان سيمينار ٿيو. سيمينار کي خطاب ڪندي فاطمہ فرٽيلائيزر جي ڊويلپمنٽ مئنيجر عبدالصمد ابڙي چيو تہ زرعي انقلاب لاءِ متوازن جو استعمال ضروري آهي. ٽيڪنيڪل آفيسر ذيشان سليم چيو تہ ڪمند جي سٺي پيداوا لاءِ تيزابي اثرواري سرسبز ياڻ نائيٽروفاس ۽ ڪيلشيم امونيم نائيٽريٽ جو استعمال ڪيو وڃي جنهن سان پيداوار ۾ واڌ ۽ زمين بهتر ٿيندي. سيمينار جي مهمانِ خاص ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ٽنڊوالهيار جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر محمد لکي بوزدار آبادگارن کي سرسبز ياڻن جي استعمال بابت مشورو ڏيندي چيو تہ سرسبز ياڻ جي استعمال سان اسان فصلن جي پيداوار وڌائي سگهون ٿا. سيمينار کي فاطمہ فرٽيلائيزر ڪمپني جي ريجنل مئنيجر نديم اختر ڪرل، محمد يوسف ۽ ميرپورخاص شگر ملز جي ڪين مئنيجر عديل نويد پڻ خطاب ڪيو. سيمينار ۾ ٽنڊوالهيار، نصرپور، عثمان شاهہ هڙي ۽ ڀرپاسي جي آبادگارن شرڪت ڪئي.

سورج مکي
هڪ بهتر تيلي فصل

شبير ٻانيڻ

سورج مکي تيلي ٻجن ۾ اهم کاڄرو تيل جو فصل آهي، جنهن جي ٻج مان ملندڙ تيل خوراڪ طور استعمال ڪبو آهي. هن جو اصل وطن ڏکڻ اميريڪا ۽ ميڪسيڪو آهي، جتان هيءُ سنڌ سميت دنيا جي ٻين هنڌن ۽ ملڪن ڏانهن پکڙيو آهي. سورج مکيءَ جو تيل صاف سٿرو ۽ ڪولسٽرول کان پاڪ ٿئي ٿو، جنهن ۾ چمڻ جي خاصيت بلڪل معمولي ٿيندي آهي. اهو ئي سبب آهي تہ هن جو تيل رت جي دٻاءُ ۽ چرٻيءَ جي چمڻ کي روڪڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو.

سورج مکيءَ جي فصل جي مکيہ پيداوار ڏيندڙ ملڪن ۾: روس، ارجنٽينا، بلغاريا، رومانيا، ترڪي، ڏکڻ اميريڪا ۽ پاڪستان شامل آهن. هيءُ فصل سنڌ اندر 1960ع ڌاري متعارف ٿيو. سورج مکي بنيادي طور کاڄري تيل لاءِ پوکبو آهي، پر هن فصل جا کاڄرو تيل سميت ٻيا بہ فائدا آهن. هيءُ جيئن تہ اڻ رچيل ٿئي ٿو، تنهنڪري هن مان ڪاڏا، مصنوعي مکڻ وغيره بہ ٺاهيو وڃي ٿو. ان کان سواءِ بناسپتي گيهہ، صابڻ، هار سينگار وغيره جهڙيون شيون ٺاهڻ ۾ بہ ڪتب آندو وڃي ٿو. حڪيم هن جي پنن کي ڪارن مرچن سان گڏ گهوٽي سفوف ٺاهي ڏکٽيءَ واري بخار لاءِ استعمال ڪندا آهن. سورج مکيءَ جي گلڪاريءَ سبب پوکيءَ وارن هنڌن تي موسمي بخار نٿو ٿئي. گاڏين لاءِ موبل آئل، رنگ ٺاهڻ، جانورن جي چاري جي کڙ، ڪڪڙين جي خوراڪ جي استعمال سميت هن جي ڏانڊين جي ريشي مان اعليٰ قسم جو پنو ٺاهيو وڃي ٿو. هن جي ٻجن ۾ غذائيت جي نسبت وڏي مقدار ۾ لحمياتي جزا ٿين ٿا، جن جي ڪري هن جا ٻج ٽورا تڙڪائي کاڌا ويندا آهن. سورج مکيءَ جو تيل دل جي مريضن لاءِ بہ مفيد آهي. تنهنڪري هن فصل جو مارڪيٽ ۾ اگهہ ٻين فصلن کان وڌيڪ آهي.

سنڌ جون آب هوائي حالتون هن فصل لاءِ انتهائي موزون آهن. هيءُ فصل خاص ڪري بهار ۽ سرءُ جي موسم ۾ پوکجي ٿو ۽ چڱي پيداوار ڏي ٿو. سورج مکيءَ جو فصل زمين ۾ اڪيلي سر ۽ ڪمند، ڪٽڪ توڙي وونئڻن وغيره سان گڏ بہ پوکي سگهجي ٿو. هيءُ ٿوري عرصي ۾ پچي راس ٿيندڙ فصل آهي، جنهن جي پچڻ ۾ 90 کان 110 ڏينهن لڳن ٿا. هن لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت گهٽ ٿئي ٿي. ڪلر واري زمين ۾ پوکڻ سان زمين جي پيداواري قوت کي بہ وڌائڻ ۾ مدد ڏي ٿو. سورج مُکي دوباري فصل طور بہ ڪامياب فصل آهي. سنڌ ۾ لاڙ واري طبعي ڀاڱي ۾ هن فصل جي وڏي ايراضيءَ تي پوک ڪئي وڃي ٿي. جڏهن تہ اتر سنڌ ۾ ساريال علائقي ۾ دوباري فصل طور سورج مکيءَ جي پوک ڪئي وڃي ٿي. درست پوکائي ۽ صحيح سنڀال سان هيءُ پنجويهہ کان ٽيهہ مڻ في ايڪڙ پيداوار ڏي ٿو. عام حالتن ۾ هن فصل مان ڏهن کان پندرنهن مڻ في ايڪڙ پيداوار حاصل ڪئي وڃي ٿي.

سورج مکيءَ جي فصل جي پوک ٻئي فصل طور اضافي پيداوار وٺڻ خاطر ڪئي وڃي ٿي. جنهن ڪري سرءُ ۾ هن جي پوکائي ڪمند سان گڏ ڪبي آهي. فيبروريءَ ۾ پوکيل فصل واري زمين ۾ ڪپهہ پوکي سگهجي ٿي. ڪن هنڌن تي ڪمند ۽ مڪئيءَ سان گڏ بہ هن فصل جي پوکائي ٿئي ٿي. سورج مکيءَ جي فصل لاءِ لٽاشي زمين وڌيڪ مناسب آهي. مال جي وٿاڻ جو ڀاڻ ۽ پاڻيءَ جي بهتر نيڪال واري زمين هن فصل لاءِ لاڀائتي ٿئي ٿي.

سورج مکيءَ جون جنسون:

سورج مکيءَ جون ٻہ جنسون Hybrid ۽ HO-1 متعارف ٿيل آهن. عام طور هاري هن فصل مان ديسي ٻج تيار ڪري آئندي جي پوکيءَ لاءِ سنڀالي رکندا آهن. هن فصل کي گُڏ ڏيڻ لازمي آهي. ٻيجي فصل هئڻ سبب هن فصل تي جهار جهڙوڪ: طوطا، ڳيرا، ڪٻريون ۽ ڪي ٻيا پکي حملو ڪندا آهن، جن کان بچاءُ لازمي آهي. هن فصل جي ڳاهہ بہ ڳاهبي آهي. هن وقت سورج مکيءَ جو اَنُ يا ٻجُ ڳاهہ مشين / ٿريشر يا جديد اَنُ ڇڙڻ وارين انجڻين ۽ مشينن ذريعي صاف ڪيو وڃي ٿو.

پوکيءَ جو وقت

هر فصل وانگر سورج مکيءَ جي فصل مان بہ بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ سفارش ڪيل وقت تي پوکي ڪرڻ تمام ضروري آهي تہ جيئن وقتائتي پوکي ڪرڻ سان فصل جي صحيح نشونما ٿئي ۽ ايندڙ فصل لاءِ وقت سر زمين بہ خالي ٿي سگهي.

سفارش ڪيل جنسون ۽ ٻج جو مقدار

سورج مُکيءَ جون ٻن قسمن جون جنسون ٿين ٿيون، هڪڙيون ديسي جنسون جهڙوڪ: ايڇ. او- 1 ۽ ٻيون ٻہ سريون جنسون يعني هائبرڊ.

سورج مکيءَ جي ديسي جنس پوکڻ جي صورت ۾ هيٺين خاص ڳالهين تي چڱيءَ ريت عمل ڪبو تہ پيداوار هائبرڊ جنسن جيتري آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهبي.

سورج مکيءَ جي موجود جنسن ۾ 25 کان 30 مڻ في ايڪڙ پيداوار ڏيڻ جي صلاحيت آهي.

(1) ديسي جنس هڪ جاءِ تي 10 ايڪڙن کان وڌيڪ پوکڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ديسي جنس ۾ لڱ جو عمل جيتن ۽ مکين وغيره جي معرفت ٿئي ٿو، جيڪي ساڳي ايراضيءَ ۾ گهٽ هوندا آهن. تنهنڪري سورج مکيءَ جون ديسي جنسون مختلف جڳهين تي لڳائڻ گهرجن تہ جيئن پيداوار گهٽي ملي.

(2) ديسي جنس واري فصل ۾ هترادو ماکيءَ جون ڪالونيون رکڻ سان پيداوار تي تمام گهڻا مثبت اثر پون

تا، چاڪاڻ ته ماکيءَ جون مکيون هڪ گل کان ٻئي گل ڏي رس چوسڻ لاءِ اڏامنديون رهن ٿيون ۽ قدرت ماکيءَ جي مکين جي ٽنگن ۾ ننڍيون ننڍيون ٽوڪريون ٺاهيون آهن، جن ۾ مکيون پنهنجي خوراڪ وٺڻ دوران گلن جي نر حصن تان نَر جُزا جمع ڪنديون آهن، جيڪي مکين جي هڪڙن گلن تان اڏامي ٻين گلن تي ويهڻ دوران گلن جي مادي حصن کي ٻه لڳندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ گلن ۾ ٻج ٺهڻ شروع ٿي ويندو آهي. هڪ اندازي موجب فصل ۾ ماکيءَ جون ڪالونيون رکڻ سان ڏيڍ تي پيداوار وڌيڪ حاصل ڪري سگهجي ٿي. ان ڪري سورج مُکيءَ جي ديسي جنس پوکڻ کان پوءِ ان ۾ ماکيءَ جي مکين جون ڪالونيون رکڻ گهرجن.

زمين جي چونڊ

سورج مکيءَ جي پوکي سم وارين، ڪلراٺين ۽ واريا سين زمينن کان سواءِ ٻين سمورين زمينن ۾ ڪري سگهجي ٿي، پر وچولي لٽاسي زمين، جنهن ۾ وٿاڻ جو پاڻ يا سائو پاڻ پيل هُجي، ته ان ۾ سورج مکي پوکڻ سان وڌيڪ پيداوار حاصل ٿيندي. زمينن کي ساهي نه ڏيڻ، فصل مٿان فصل پوکڻ، فصلن جي واري ڦيري نه ڪرڻ ۽ فصلن کي گهٽ ڪيميائي پاڻ ڏيڻ جي ڪري زمين جي زرخيزي گهٽي گهٽجي وئي آهي. زمين ۾ ناميا تي مادي کي وڌائڻ جا ٻه ذريعا آهن. هڪ سائي پاڻ وارن فصلن جو استعمال ۽ ٻيون وٿاڻ جي پاڻ جو زمين ۾ هر ٽئين سال استعمال تمام ضروري آهي. ائين ڪرڻ سان جيڪڏهن زمين ۾ ٿورو ڪلر هوندو ته اهو به ختم ٿي ويندو. ان ڪري جنهن زمين ۾ سورج مکي جو فصل پوکڻو هجي، ان ۾ وٿاڻ جو پاڻ يا سائو پاڻ ڏنو وڃي.

پوکيءَ جا طريقا

پوکيءَ جا ٽي طريقا آهن: (1) ڇٽ ڪيرڻ، (2) ڪورڙ يعني گَپَ ۾ ٻج ڇٽڻ ۽ (3) ناڙيءَ رستي پوکي ڪرڻ. اهي طريقا مختلف حالتن ۾ ماحول ۽ ضرورت مطابق عمل ۾ آندا وڃن ٿا. هنن ٽنهي طريقن مان ناڙي ڪامياب پوکي آهي. ناڙي پوک ۾ قطارن جي وچ ۾ وٿي ٻن کان اڍائي فيٽ ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ 9 انچ وڇوٽي رکڻ گهرجي. ناڙي کوشش ڪري ٽريڪٽر ذريعي ڪجي. ناڙيءَ رستي پوکي ڪرڻ سان ٻج جو ڦوٽهڙو سٺو ٿئي ٿو. ناڙيءَ واري پوک ان لحاظ کان به وڌيڪ ڪارگر آهي، جو فصل جون اوڙون سڌيون ۽ ڪليل ٿين ٿيون، جن مان هوا ۽ سج جي روشني آسانيءَ سان گذر ڪري ٿي، جنهن جي موجودگيءَ ۾ ٻوٽا پنهنجي کاڌ خوراڪ پنن رستي بهتر نموني تيار ڪن ٿا. جنهنڪري ٻوٽن جي واڌويجهه سٺي ٿئي ٿي. ناڙيءَ واري پوک ۾ گُڏ ڪرڻ توڙي ڪيميائي پاڻ ۽ جيت مار دوائون آسانيءَ سان ٿوري وقت ۾ بهتر نموني ڏئي سگهجن ٿيون، جنهن ڪري هڪ طرف انهن ڪمن ۾ گهٽ وقت لڳڻ سبب مزدوريءَ جو خرچ گهٽجي ٿو ۽ ٻئي طرف وري اهي ڪم بهتر نموني ٿيڻ جي ڪري فصل جي پيداوار وڌي ٿي.

سارين ۾ ڇاٽي پوک

ساري وارا علائقي ۾ ڇاٽين پوکيل سارين ۾ يا زمين جي تياريءَ واري خرچ کان بچڻ لاءِ سارين جي عام مُنڍاٽي فصل ۾ به آخري پاڻي ڏيڻ کان پوءِ گَپَ ۾ سورج مکيءَ جو ٻج ڇٽي سگهجي ٿو، پر ان ريت پوکي ڪرڻ لاءِ ٻج کي 6 ڪلاڪ پاڻيءَ ۾ پسائي پوءِ ڇٽجي ته ڦوٽهڙو وڌيڪ سٺو ٿيندو. گپ ۾ پوکيل سورج مُکيءَ جو ٻج جيستائين سارين جو لاباروٿيندو، تيستائين ڦوٽهڙو ڪري ويندو ۽ لاباري کان پوءِ پنهنجي بهتر نشونما ڪري سگهندو. ان پوک تي خرچ تمام گهٽ اچي ٿو ۽ وقت جي بچت به ٿئي ٿي، پر ان فصل مان ايتري پيداوار نه ٿي لهي.

ناڙيءَ رستي پوک

پاڻيءَ ۽ گَر ۾ خرچ بچائڻ لاءِ سورج مُکيءَ کي ٻه واري فصل طور سارين جي فصل مان واندي ٿيل زمين ۾ فوري طور تي زيرو ٽليج ناڙيءَ رستي پوکي سگهجي ٿو. زيرو ٽليج ناڙيءَ ذريعي پوکي ڪرڻ سان زمين کي هر ڏئي ٺاهڻ جي ضرورت نه ٿي پوي، جنهن جي ڪري جلديءَ ۾ ۽ گهٽ خرچ تي پوکي وڃي ٿي. هيءَ ناڙي زراعت کاتي

سنڌ جي زرعي انجنيئرنگ واري شعبي جي ڪنهن ويجهي دفتر سان مشورو ڪري وٺڻ گهرجي يا ڪنهن پاڙي واري زميندار وٽ هجي ته اها استعمال ڪجي. زيرو ٽليج ناڙيءَ رستي پوکي ڪرڻ لاءِ اوڙن جي وچ ۾ اڍائي فوٽن جي وٿي رکجي.

ٻٽي پوک

سورج مُکي ڪمند جي فصل ۾ ٻٽي پوک طور به پوکيو وڃي ٿو، جنهن لاءِ سرءُ ۽ بهار جي مندن ۾ ڪمند جي پوکي ڪري جيڪو پاڻي ڏجي. ان پاڻيءَ کان پوءِ جيئن ئي زمين وَتَ ۾ اچي ته سورج مُکيءَ جي ناڙيءَ رستي ڪمند جي اوڙن جي وچ ۾ سورج مُکيءَ جي پوک ڪجي. ڪمند ۾ سورج مُکيءَ پوکڻ سان سورج مُکي ڪمند جي ٿي پاڻيءَ ۾ پچي راس ٿئي ٿو ۽ ڪمند ۾ پوکيل سورج مُکيءَ مان ايتري آمدني ٿي وڃي ٿي جنهن مان ڪمند جو خرچ آسانيءَ سان لهي وڃي ٿو.

ٻج جي خاصيت

پوکيءَ لاءِ ٻج استعمال ڪرڻ کان پهرين ٻج جي بهتر خاصيت جي باري ۾ يقين ڪرڻ تمام ضروري آهي. سٺو ٻج ئي وڌيڪ پيداوار ڏيڻ جو ضامن ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته اهو ئي نفعي بخش پوک جو بنيادي جزو سمجهيو وڃي ٿو. ٻج ۾ هيٺيون خاصيتون هئڻ گهرجن: (1) سفارش ڪيل جنس، (2) صاف ٻج، (3) صحتمند ٻج، ۽ (4) سٺي ڦوٽهڙي وارو ٻج.

ڪيميائي پاڻ جو استعمال

ڪيميائي پاڻ استعمال ڪرڻ لاءِ پنهنجي فصل واري زمين جي مٽيءَ جي چڪاس ڪرائي پوءِ پاڻ ڏيڻ گهرجي ته وڌيڪ بهتر آهي. پر مجبوريءَ واري حالت ۾ سورج مکيءَ لاءِ سفارش ڪيل زمينن ۾ هيٺينءَ ريت پاڻ ڏيڻ گهرجي:

ڪيميائي پاڻ ڏيڻ وقت ان ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري سورج مُکي ڪلراٺي زمين ۾ پوکڻو هجي ته ان زمين ۾ فصل کي ڪيميائي پاڻ نه ڏجي. جڏهن ته عام زمينن ۾ سورج مُکي پوکڻ جي صورت ۾ سفارش ڪيل فاسفورس واري پاڻ کي ڳريل سڙيل وٿاڻ جي پاڻ سان گڏائي ڏيڻ گهرجي ته فاسفورس ٻوٽن کي وڌيڪ مؤثر نموني مهيا ٿي ملندو ۽ فاسفورس واري پاڻ جي هڪ ٻوريءَ کي ٻن وٿاڻ جي پاڻ جي ٻورين جي نسبت سان پاڻ ۾ ملائي پوءِ ڇٽجي.

ٻوٽن جو تعداد

سورج مُکيءَ جي فصل مان بهتر پيداوار وٺڻ لاءِ ٻوٽن جو تعداد 20 کان 25 هزار في ايڪڙ هجڻ ضروري آهي. سورج مُکيءَ جي فصل ۾ ٻوٽن جو سفارش ڪيل تعداد رکڻ لاءِ هيٺين ڳالهين جو خاص خيال رکڻ گهرجي:

(1) ٻج اهڙو تصديق ٿيل پوکجي، جنهن جي ڦوٽهڙي جي صلاحيت لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو هجڻ گهرجي.

(2) ڪوشش ڪري پوکي، ناڙيءَ رستي ڪجي. ناڙيءَ لاءِ اوڙ کان اوڙ جي وچ ۾ اڍائي فيٽ وٿي رکجي.

(3) فصل کي پهريون پاڻي ڏيڻ کان اڳ ۾ ٻوٽي کان ٻوٽي جي وچ ۾ 9 کان 10 انچ وٿي رکڻ لاءِ هٿن سان ڇدائي ڪرڻ گهرجي.

گُڏ ۽ مٽي چاڙهڻ

سورج مُکيءَ جي فصل ۾ به ٻين فصلن وانگر گند گاهه ڦُٽي ان سان کاڌ خوراڪ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين ٿا ۽ فصل ۾ جيتن جو حملو به وڌي ٿو، جنهنڪري فصل جي صحيح واڌ نٿي ٿئي. ان ڪري هن فصل ۾ ٻه گُڏون ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي. انهن گُڏن مان پهرين گُڏ پهريون پاڻي ڏيڻ کان اڳ ۾ ڏيڻ گهرجي ۽ باقي به گُڏون پهرئين ۽ ٻئين پاڻيءَ کان پوءِ جيئن ئي زمين وَتَ ۾ اچي ته ڏيڻ گهرجن. فصل ۾ گُڏون ڏيڻ سان زمين کلي ٿي ۽ پاڙون صحتمند ٿي ٻوٽي تائين گهربل مقدار ۾ خوراڪ پهچائين ٿيون ۽ ساڳئي وقت جيتن جو حملو به گهٽ ٿئي ٿو. سورج مُکيءَ جي ٻوٽن جي چوڌاري مٽي چاڙهڻ سان پيداوار ۾ بهتريءَ جا نتيجا سامهون آيا آهن. جڏهن ٻوٽا هڪ فيٽ جيترا ٿين ته انهن جي چوڌاري مٽي چاڙهجي. فصل ۾ مٽي چاڙهڻ جو اهو عمل هميشه شام جي وقت ۾ ڪجي.

نامياتي پوک چو ضروري آهي

ڊاڪٽر اسلام الدين مجيداڻو

فصلن، ميون ۽ ڀاڄين جي پوک قدرتي طريقن موجب ڪجي. يعني ڀنيءَ اندر ڪنهن بہ ڪيميائي ڀاڻ ۽ زرعي زهرن (جيت مارڻ وارن زهرن ۽ گندگاهن کي ختم ڪندڙ زهرن) جو استعمال نہ ڪجي پر ان جاءِ تي فصلن جي واڌ ويجهہ لاءِ قدرتي ڀاڻ ۽ نقصانڪار جيتن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ديسي دوائن جو استعمال ڪجي يا وري ڪي ٻيا طريقا استعمال ڪرڻ سان جيتن کان بچاءُ لاءِ حڪمت عملي جوڙي وڃي، اهڙي قسم جي فصلن ڀاڄين جي پوک ۽ باغباني ڪرڻ کي نامياتي پوک چئجي ٿو.

قدرتي ڀاڻ ڪهڙا ٿين ٿا؟

قدرتي ڀاڻن ۾ سڀ کان بهتر وٿاڻ جو ڀاڻ ٿئي ٿو، جيڪو چوپائي مال جهڙوڪ مينهن، ڏڳين ۽ ٻڪرين مان حاصل ڪجي ٿو، جڏهن تہ اٺ، گڏهہ ۽ گهوڙي جي لڏ کي پڻ ڀاڻ طور استعمال ڪجي ٿو. ان کان سواءِ پکين جي وٺن، سڙيل ڳريل مڇي ۽ جيتن جي باقيات مان پڻ نامياتي ڀاڻ حاصل ڪجي ٿو. ان کان سواءِ نامياتي ڀاڻ وڻن جي باقيات مثال طور ڇٽيل ٻور، پنن، گلن، پلڙن ۽ ميون جي باقيات وغيره مان پڻ نامياتي ڀاڻ حاصل ٿئي ٿو. اهي سيني قسمن جا ڀاڻ زمين سان ملي ڪري نامياتي مادو تيار ڪن ٿا.

نامياتي مادي جي اندر ٻوٽن جي واڌويجهہ وارا سمورا خوراڪي جزا موجود هوندا آهن. مثال طور نائٽروجن، فاسفورس جيڪي وڏيڪ مقدار ۾ ۽ گهٽ مقدار ۾ پوٽاش، ڪيلشيم، مئگنيشم، بوران، زنڪ، ڪاپر، آئرن، ميگنيز ۽ مالبڊينميم وغيره اچيو وڃن، جيڪي ٻوٽن کي قدرتي طرح سان سگهہ ڏين ٿا.

فصلن جي غير نامياتي پوک جا ڪهڙا نقصان آهن؟

1. هن وقت اسان لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو صحت جو آهي. هر گهر جي اندر ماڻهون صحت جي حوالي سان ڪنهن نہ ڪنهن مسئلي اندر ورتل آهي، جنهن ۾ شوگر، بلڊپريشر، دل جون بيماريون، معدي جون بيماريون، جگر جي بيماري، ساهہ جي بيماري، چمڙي جون بيماريون، اکين جون بيماريون، مطلب تہ اسپتالن ۽ ميڊيڪل اسٽورن تي ماڻهن جي ميڙاڪن کي ڏسي سگهي ٿو. ان کان بچڻ لاءِ واحد حل نامياتي خوراڪ آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ ڪيميائي ڀاڻ ۽ زرعي زهر جو استعمال ٿيل نہ هجي.

2. انهن ڪيميائي ڀاڻن جي گهڻي استعمال ۽ زرعي زهرن جي غير ضروري استعمال پيئڻ جي پاڻي کي خراب ۽ گدلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ پاڻي زهريلو ٿي ويو آهي. نامياتي زراعت ڪرڻ سان آهستي آهستي پاڻي بہ سٺو ٿي ويندو تہ صحت بہ ٺيڪ رهندي، ڇو تہ گهڻي ڀاڱي بيماريون خراب پاڻي جي واپرائڻ سان ٿين ٿيون.

3. چمڙي ۽ اکين جي بيمارين تي بہ ضابطو نامياتي زراعت سان ايندو.

4. اسان جا ديسي پکي ڪٻرون، جهرڪيون ۽ ٻگهہ وغيره جيڪي ٻنين اندر نقصانڪار جيتن ۽ ڪينئن کي کائي انهن جو خاتمو آڻڻ ۾ هارين جي مدد ڪن ٿا سي نامياتي زراعت سان نسل ڪشي کان بچي ويندا ۽ سڌي طرح آبادگارن جي مدد ڪندا رهندا.

5. زمين اندر سانپا ٿين ٿا، جن کي هاري جو دوست چيو وڃي ٿو، ڇو تہ اهي پوسل واري زمين اندر چر پر ڪندا رهندا آهن ۽ زمين اندر سنهيون سرنگهون ٺاهن ٿا جنهن سان زمين اندر هوا خوري وڌي ٿي ۽ اهي سانپا مٽي ۽ ڳريل سڙيل پنن کي کائين ٿا ۽ ڦولهڙيون لاهين ٿا، اهي ڦولهڙيون زمين لاءِ بهترين نامياتي ڀاڻ آهن. اهي سانپا زرعي زهرن جي ڪري

متاثر ٿيا آهن.

6. زمين اندر ڪيترن ئي قسمن جا بيڪٽريا ٿين ٿا، جيڪي نامياتي پاڻ ۾ موجود خوراڪ کي ٻوٽن جي پاڙن تائين مهيا ڪن ٿا. جنهن سان ٻوٽا صحت مند هئڻ سان گڏوگڏ تڪڙي واڌ ڪن ٿا. پر افسوس جو زرعي زهرن انهن کي به بخش نه ڪيو انهن جو به ڪافي حد تائين نقصان ٿيو آهي.

7. اسان جا چوپايا جانور جنهن سان اسان کي کير مکڻ ۽ ڏهي ملي ٿي. اهي جانور به ٻني جو گاهه کائين ٿا جتي زهر جو ڦوهارو ڪجي ٿو. کير ۾ به زهر جا جزا ڏٺا ويا آهن ته پوءِ اسان جي لاءِ ڏهي يا لسي ۽ گوشت به هاڻ خالص نه رهيا آهن. چوپائي مال کي کير يا گوشت وڌائڻ لاءِ هارمونس ۽ ٻيون شيون لڳائڻ کان پرهيز ڪجي. ان جي استعمال سان انساني صحت تي خراب اثر پئجي رهيو آهي.

8. ٻنين اندر وڏيڪ ڦوهارا ڪرڻ ڪري اتي جي ماحول جي آبهوا ۾ زهريلا اثر موجود هوندا آهن ۽ هاري اهڙي ماحول ۾ روزانو ڪم ڪار ڪندا رهن ٿا جنهن سان ساهه ۽ اکين جون بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن.

9. اسان وٽ ڀاڄين ۾ زهر جو ڦوهارو وڏيڪ ڪجي ٿو. انهن ڀاڄين ۾ وري ڀينڊين ۽ گوبي تي حد کان وڏيڪ ڦوهارو ڪجي ٿو. ڀينڊين جي پٽائي تائين زهر جا 36 ڦوهارا ڪجن ٿا ۽ گوبي جو به اٽڪل ساڳيو حال آهي، جنهن جي کائڻ سان معدي ۽ آنڊي جون بيماريون ٿين ٿيون.

10. زرعي زهر ڪنهن به طريقي سان جسم اندر هڪ دفعو سرائيت ڪري وڃن ته پوءِ اهي جسم اندر مختلف نمونن سان پنهنجو اثر آهسته آهسته ڪندا رهن ٿا، پوءِ ڪنهن به وقت ان جو اثر خطرناڪ ٿيو پوي.

11. شروع کان وٺي هن وقت تائين زرعي زهرن جي نقصانن جي چاڻ آبادگارن کي گهٽ ڏني وئي. جنهن ڪري اهي گهرن ۾ عام طرح سان کاڌي وارين شين سان رکجن ٿيون. انهن زهرن کي ڪليل نموني رکڻ ڪري نوجوان ڇوڪرا يا ڇوڪريون ڪاوڙ واري حالت ۾ هئڻ ڪري اهو زهر پيئن ٿا، جيڪي آخرڪار موت جو شڪار ٿين ٿا. اهڙيون خبرون اخبارن ۾ عام طرح سان اينديون رهن ٿيون. انهن جي رڪڻ وارن قانون قاعدن تي عمل نه ٿيڻ ڪري اهڙا واقعا ٿين ٿا ۽ زهريليون دوائن رکڻ، وڪڻڻ، استعمال ڪندڙن جي غير ذميواري تي ڪنهن جو موت ٿيڻ تي ڪوبه سرڪاري يا غير سرڪاري قدم ڪونه ٿو کڄي.

